# پُل سَلامت رَهي

ڪٽنبي، سماجڪ ۽ قومي سطح تي سنبنڌن کي قائم رکڻ لاءِ انيڪ سرگرميون ٿينديون رهنديون آهن. ڪٽنبي سنبنڌ قائم رکڻ لاءِ شاديون-مراديون، مُنَڻ-جڻيو وغيره جهڙا موقعا هوندا آهن. ساڳيءَ طرح سان سماجڪ ۽ قومي سطح تي سنبنڌن کي برقرار رکڻ لاءِ ڏِڻ-وارَ، ميلا-ملاکڙا، رانديون ۽ تهذيبي گڏجاڻيون پُل جو ڪم ڪنديون آهن. انترراشٽري سطح تي واپاري سرگرميون، تعليمي ۽ تهذيبي سفارتن جي هڪ ٻئي جي ملڪ ۾ اچ وڃ انهن سنبنڌن کي قائم ڪرڻ جو وسيلو ٿيندي آهي. ان حوالي ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي موجوده حالتن تي نظر وجهون ته ائين محسوس ٿيندو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ناتا سڌرڻ لڳا آهن ۽ اها اميد ٿي ڪجي ته اهي وڌيڪ ۽ وڌيڪ سڌرندا ويندا. ٻنهي ملڪن جي سنبنڌن جي سڌارڻ ۾ سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيه جي اهم ڀومڪا آهي جو نه رڳو سنڌي ڀاشا ڳالهائيندڙ ٻنهي ملڪن ۾ وڏي تعداد ۾ موجود آهن مگر انهن جو هڪ گڏيل ادبي ورثو آهي جنهن کي الڳ الڳ ملڪن ۾ رهندي به هو نه رڳو قائم رکي وينا آهن، پر ان کي لڳاتار وڌائيندا ٿا رهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ٻنهي ملڪن ۾ الڳ الڳ طرح سان رچيل ادبي سرمايي جي هڪ ٻئي سان ڏي-وٺ ٿئي ۽ ٿيندي رهي. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته ٻنهي ملڪن ۾ جيڪا سنڌي استعمال ٿيندي رهي ٿي اها ''سنڌي'' ئي رهي، اها سنڌيءَ جي نالي ۾ هڪ طرف هندي ۽ ٻئي طرف اڙدو نه بڻجي وڃي ۽ اها ائين ئي لکِي وڃي جيئن ٻنهي ملڪن جا سنڌي ڄاڻندڙ اها پڙهي سگهن.

اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي ادب ٻنهي ملڪن جي سنڌين کي ۽ ان ڪري ٻنهي ملڪن جي باشندن کي، هڪ ٻئي سان جوڙي رکڻ ۾ هڪ پل وانگر آهي. ائين نه ٿئي ته اسين ان پل کي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڏيري ڏيري ڀڃندا رهون ۽ جنهن وقت هڪ ٻئي ڏانهن وڌي وڃي ملڻ جون واٽون وڌيڪ آسان ٿين تڏهن اسان وٽ اها پل ئي نه هجي جيڪا اسان کي جوڙي رکي.